# ڪهر پيريا هٿڙا، نهر پيريا نيڻ

"ديپڪ!"

"ڇا جولي."

"اَڄ ڪٿو ڇو پيو اوٻائين؟"

"تنهنجو ته انهن وهمن ۾ وشواس ئي ڪونهي."

"الاجي ڇو.... ڊپ پيو لڳي."

"ڇاڪاڻ؟ .... اوندهه ڪاڻ؟"

"نه ديپڪ لوڻ ساڻ آهين ته...."

"اڙي هي ڇا... روئين ٿي جوت...."

"نه.... روئان ڪٿي ٿي."

"تنهنجي وڻيءَ مان ڪيتري نه خوشبوءِ پيئي اچي."

"وڻي ڏينڌڙ راڻيءَ جي هٿن ۾، رومال ۾، وهندي وارن ۾ به اها ئي خوشبوءِ هئي."

"اهي سڀ ته توئي سنگهيا هوندا، اسان ڪڏهن ته اهڙو وجهه ئي ڪين مليو."

"وجهه!!"

"ڪهڙي گهرج آهي ٻيءَ خوشبوءِ جي؟ تنهنجي وارن ۾ ڇا گهٽ خوشبوءِ آهي. ياد اٿيئي، جڏهن ٻئي شادي ڪري آئي هئين، تڏهن منهنجي پيڻ لو لاءِ

شمپو وٽي آئي هئي. تو چيو هوس: وري اهو ڏڪڙهن
نہ آڻج. منهنجي مــاڪ جون الاهي اسٽريون جڏهن
ميٽ ٻہ لٽيون پائي سگهن تڏهن مان شمپو کيئن
هٽائيندس!!!.... اڙي تون نہ سچي ڏکين پيئي!"

"هي آواز ڇا جو ٿيو؟"

"ڪو وڻ ڪري پيو هوندو."

"وڻ!!"

"هيڏو جو طوفان پيو لڳي، سو وڻ نہ ڪرندا ٿي."

"طوفان ۾ سڀ وڻ ڪري پوندا؟"

"ڇا ٿيو آهي توکي، جولي. جن وڻن جون پاڙون
پختيون آهن اهي نہ ڪرندا."

"نہ .... نہ .... اهي ڪري سگهن ٿا."

"اهي ڇو ڪرندا؟.... اڙي هي ڇا! منهنجي اکين
مان شايد پاڻي پيو ڳري. آهہ هنئي منهنجي ڇاتيءَ تي
سمهي پئہ."

"ٻڌ مان تو."

"ڇا؟"

"ٻاهر شايد ممبئي جو سمنڊ اٿلي پيو آهي."

"نہ راڻي، چوماسي جو پاڻي وهڪرو ٻڌجي گهٽين
مان ڏوڪيندو پيو لنگهي."

"هائو.... ائين ٿي آهي."

"مان پائيدانو، توکي لمب پيو اچي."

"نه نه، ڪجهه ڪونهي.... اسان هميشه چندرا جي پٺيءَ ڳالهه ڪئي نه."

"هائو تو پٺيءَ ڇيو، هن جڏهن ٽوڪي گلن جي وڻٽي ٻاري تڏهن ٽوڪي سندس هر چيز مان سرهاڻ پئي آئي."

"هائو، ائين ٿي هو؟ مون جڏهن سندس ٻانهن تي هٿ ڦيري ڇيو، ڏاڍي اڇي ٿي پيئي آهين، تڏهن خبر ائين پئي چا چيائين؟"

"چا چيائين!"

"ڏاڍو مٺو ڪليءَ لوڏ سان چيائين: ڪير جو ٿهيل اٿيئي منهنجو سرير."

"اڇا ... بس شاهوڪار ماڻهو آهن، اٿندي وهندي ڪير جو پيئندا، سو سرير مان ڪير نه بکندن؟.... ڪن جا نه ٻار ٻه پورو ڪير نه پي سگهن."

"عجيب چرخو آهي.... ڪٿي ماڻي مڙهٿي نه موُر، ڪٿي ٽڪر پيا ٽيٽا ٿين."

"ٻر جولي، اڄ تنهنجو آواز اهڙو ڳورو ڇو آهي؟"

"نه ڪٿي آهي ڳورو.... ها هڪ عجيب ڳالهه ٻڌندين؟"

"چئه."

"جڏهن چندرا کي اسٽيشن تي وٺڻ هليا هئين، تڏهن ٽرين جي دروازي مان لهندي سندس روشن مکڙو ڏسي، اللهه جو سچي بدن مان ڏڪڻي جي ڏار لنگهي وئي."

"اڇا!.... پر اهين ڇو ٿيو؟"

"ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. مون کي ته ڪڏهن سار
ه رهيس ڪانهي. مان ته توکي پنهنجي ساري سنسار ڪار
سگهي پيئي سمجهان پاڻ کي."

"ڪٿي ايڏو خوش رکيو اٿم توکي. رنگ ٿي بدلجي
ويو اٿيئي. چندرا ۽ توکي شادي ڪئي ساڳيا ست اٺ
سال ٿي ويا هوندا، پر ڪٿي هوءِ، اهين پئي لڳي ڄڻ
ڪالهه پرڻي آهي ۽ ڪٿي تون...."

"۽ مان ٻڍي ٿي وئي آهيان...."

"اڙي اڙي، روئين ٿي يا کلين ٿي. پر مون ڪٿي
ڇيو ته تون ٻڍي ٿي وئي آهين."

"ڇئي ڏي، ڇاهي اٿم ۽ سچائي ته آهي."

"هٽ ڇري."

"سچ ٿورو ٿي ٻڍائيندين"

"ڇونه ٻڍائيندس."

"تون ٿي ته ڇوندو آهين ته جيئن ٿڪي روشني نٿي
سهي سگهجي ليئن ٿڪا سچ ۾ خاص ڪري پنهنجي
نازڪ ذاتن وٽان ٻڌي ته سگهيا آهن."

"ڇڏ اهي وڏيون ڳالهيون."

"اٺ سال... ڪيڏو وڏو عرصو.... پر لڳي ڪيترو
ننڍو پيو. ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي، هولڪا جي
ڏونهن ۾ ڏکي، ماسي پنهنجون ٽڪڙيون پچائي

لاءِ هيٺ لهي آئي هئي. ٻاٻي سان مائٽيءَ مٽيءَ جون ڳالهيون ڪٽي ويٺي. چندرا جي مائٽي چورڻ لڳي. ٻاٻي چيو: جولي ۽ چندرا ٻنهي سؤنهن مان جيڪا پسند اچين سا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. هاءِ رام! مون کي ته ان مهل ڇاتيءَ ۾ اچي دڪ دڪ ٿي."

"اڙي، اها ته اڃا ٻه پيئي ٻڌڻ ۾ اچي."

"ڇڏ ٻيو مسخري."

"شڪر. ڪليجو ته سهين."

"۽ ماسيءَ جڏهين چيو: جولي وڏي آهي، پهرين جوليءَ جو مڱڻو ٿيڻ کپي، تڏهين ته مون روئي ڏنو. شڪر جو اتيئي ماسيءَ چيو: پر ڏيتي ليتي تمام گهڻي ٿا گهرن، سو چندرا جي ٻاليءَ جيڪو چندرا لاءِ ٻڌڪ ۾ حصو رکيو آهي، ان مان ڏيتي ليتي ڏيئي ڪٽي چندرا کي ٿي ڪجي."

"ٻڌائن ويٺو دٻڪ."

"هائو ٻڌان ويٺو... تنهنجي ٻالي بس جيڪر ٿو لاءِ پئسا ڇڏي وڃي ها ته چڱو."

"نه ٻابا... جنهن وقت ماسيءَ ڏيتي ليتيءَ جي ڳالهه ڪئي تنهن وقت منهنجي دل تان الاجي ڪيڏو بار لهي ويو. مون پنهنجي غريبيءَ کي وردان سمجهو."

"ڇو؟"

"وري پڇين ٿو ڇو. تون سمجهندو هوندين ته

چندرا توکي گهڻو ڀائيندي هئي. پر هوءَ ته ڪنهن شعر جيئن پڙهندي هئي ۽ مان ته آهي اصل دل تي اُڪاري ڇڏيندي هئس. چندرا ته ٻه ٻاهران چاهه ٿي ڪاريندي هئي پر مان اندر ئي اندر توکي 'ڪرشن' جي مورلي جئي من مندر ۾ رکي ڇڏيو هئس."

"۽ توکي سڄاڻڻ سان مون چيو 'رادا'."

"مگر مان ته 'رڪمڻي' بڻجي آئي آهيان توهانجي گهر ۾."

"مونکي ته 'رادا' ۽ 'رڪمڻي' ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي."

"مگر مونکي الاجي ڇو اڄ اهو فرق محسوس پيو ٿئي."

"هل مست!"

"... الاجي ڇو چاليءَ ۾ تورو سور پيو محسوس ٿئي."

"ٿڌي هوا جو اثر هوندو."

"مونکي ته هوا گرم پيئي محسوس ٿئي."

"ٿڌڪڻ پلا ڪهڙو ڪارڻ آهي؟"

"سمجهه ۾ ئي نٿو اچي.... ها چندرا جي ڳالهه ڀڃي ڪيم. ڪيتري نه حسين ٿي لڳي. جيڪي ۾ ٿي ڪلاڪ اسانجي ننڍڙي گهر ۾ رهي، تن ۾ ائين پئي لڳو ڄڻ ٻئيون لڳي ويئون آهن اسانجي گهر کي. ڪيترو ڇڪوماليس اسان وقت رهي پئي، پر ساوتريءَ جي ورلي ڀيرو ٻهڪڻي کي ڇڏي هئي اندازيءَ جي محفل ۾ پلا ڪيئن

سک ايندس . ضرور ، ڪيڏهن نه ايندو ، پر سندس مٺ ۽ ڪل اڃا نه منهنجي ڪنن ۾ پيئي پُري."

"اڻ ۾ چاهي . سڀ اٿيئي جڏهن لون ٻين جيئون جي دک ۾ دکي ٿي رُئندي آهين ، تڏهين آهي همدرديءَ پُرِيا سڏ ڪاڻ هڪڙن جا هڪڙا منهنجي ڪنن ۾ پيا پُرندا آهن."

"وري چرچا ..."

"مان نه ساٿيا ۾ پيو ڳالهايان."

"سچ پڇين نه مونکي نه هن پيري چندرا اهڙو پئي وٽي جو ڇا چوان."

"چوندي هوندين نه تنهنجو گهوٽ نه چندرا جي گهوٽ وانگر ڄام پئسا ڪمائي ها نه تنهنجين ٻانهن ۾ ٻه چندرا وانگر ڪير تجلا ڏئي ها."

"ٻه پوهه لون منهنجي سندرتا منجهان الساهت ٿي شعر رچين ها."

"چڱو مسخري .... تنهنجي روح منجهان جا چاندني چٽڪي منهنجي آتما کي روشن ڪندي آهي ، سا ڇا فقط هڪ سندر سراسر رڪڻ سان ٿي ملي سگهي ٿي . تو ڀاڳکي دلس جي عام ناريون سان امتر و نه ڳنڍي ڇڏيو آهي ، جو انهن جا سک دک تنهنجي جسم لئي ڀکندا نظر ايندا اٿم . انکري منهنجي شعرن مان دلس جون سڀ ناريون زبان پائي وٺنديون آهن .

”هڪڙي مزيدار ڳالهه ٻڌايانءِ.“

”ٻڌاءِ.“

”چندرا کي چيم: ڏسج هڪ ڏينهن اهڙو ضرور
ايندو جڏهين هندستان جي هر ناريءَ جو بدن ڪير جو
نهيل هوندو.“

”غصو نه ڪين لڳس.“

”غصو نه ڪين لڳس. پر چيائين اسانجي ملڪ ۾
اهڙي ڳالهه ڪڏهن ڪين ٿيندي.“

”ڇو؟“

”بس چيائين: مونکي وشواس نٿو اچي.“

”جن جو اَوشواس ۾ ئي وڃي وشواس ڪيتو آهي،
تن کي ڇا چئبو؟“

”هائو تن کي ڇا چئبو.... اوشواس نه اسانجي جيون
کان گهڻو پري رهڻ ڪيپي....“

”ڇا ٻيئي ڇوڙن؟ پاڻانئو تڏهنجي من ۾ ٻيو ئي
ڪجهه ٻيو هلي. ڳالهائين مولسان وهٺي، پر جواب جڻ
پاڻ کي ٻيئي ڏان.“

”ڪجهه هو نه سهين .... الاجي ڪيئن ....“

”ڇا الاجي ڪيئن؟“

”الاجي ڪيئن ٿوري ڪمزوري من ۾ ڪاهي
آئي هئي.“

”ڪمزوري!!“

”الاجي ڪيئن سمجهيم، شبنم جي ڪٽين جي
ڪالڪي دل، هيرن تي نه موهجي وئي هجي.“

”اڇا ته ائين ٿي سمجهين؟“

”نه هاڻي من مضبوط آهي.“

”پوءِ ته روئين پيئي.“

”....ڏاڍو وڏو طوفان آيو هو... مان ڪٿي آهيان نه؟“

”پولو ڪونهي. ڪڏهين اُچل ڌرتيءَ جي
هيانءَ ۾ ته لوڏو اچي ويندو آهي.“

”ڇڱو ڌرتي ئي ڪمزور آهي؟ آسمان نه؟“

”آسمان کي جڏهين ڏوڙو ايندو آهي، تڏهين ڪڪرن
جو روپ ڌاري هيبت لهي ايندو آهي ۽ دور اُفق ۾
ڌرتيءَ کي سيني سان لائي اُسٽر ٿي ويندو آهي.“

”ٻاهر برسات شايد بند ٿي وئي آهي.“

”هائو، ائين ٿي لڳي ٿو.“

”دري کولي ڇڏيان.“

”بس، مان ئي ٿو اُٿي کوليان.“

”اڙي، هيترو وقت نه بين جو آواز ٻڌڻ ۾ ئي
ڪونه ٿي آيو.“

”دري جو بند هئي.“

”هڪ ڪمي رات، وسڪاري ڪالپوه هن بين جو
آواز ڪيترو نه مڌر ٿو لڳي.“

”انڪان ته مڌر آهي ڏنهجي هيءَ اوجل ڪل.“

”...........“

”اڙي، آلسو!“